SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريه 2015
# SINDH ACT NO.VIII OF 2015
# سنڌ وبائي بيمارين ايڪٽ، 2014
# THE SINDH EPIDEMIC DISEASES ACT, 2014

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات

Short title, extent and commencement

2.وصفون
Definitions
3.خاص اپاءَ وٺڻ جو اختيار ۽ خطرناڪ وبائي بيماري موجب ضابطا بيان ڪرڻ
Power to take special measures and prescribe regulations as to dangerous epidemic disease
4.ڏنڊ
Penalty
5.ضابطا
Regulations
6.منسوخي
Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريہ 2015
# SINDH ACT NO.VIII OF 2015
# سنڌ وبائي بيماريون ايڪٽ، 2014
# THE SINDH EPIDEMIC DISEASES ACT, 2014

[9 جنوري 2015]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ خطرناڪ وبائي بيماري ڦهلجڻ کان بچاءَ سان لاڳاپيل قانون کي مستحڪم بڻايو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ خطرناڪ وبائي بيماري ڦهلجڻ کان بچاءَ سان لاڳاپيل قانون کي مستحڪم بڻائڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات
Short title, extent and commencement

1.(1)هن ايڪٽ کي سنڌ وبائي بيماريون ايڪٽ، 2014 سڏيو ويندو.

(2)ان جي پوري صوبي سنڌ تائين توسيع ڪئي ويندي.

(3)هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2.هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) ”بيماري“ مطلب خطرناڪ وبائي بيماري؛

(b) ”حڪومت“ مطلب سنڌ حڪومت.

خاص اپاءَ وٺڻ جو اختيار ۽ خطرناڪ وبائي بيماري موجب ضابطا بيان ڪرڻ
Power to take special measures and prescribe regulations as to dangerous epidemic disease

3.(1) جڏهن ڪنهن به وقت حڪومت مطمئن آهي ته صوبو يا ان جو ڪو حصو ڪنهن بيماري سان متاثر ٿيو آهي يا ڪا بيماري ڦهلجي رهي آهي ته حڪومت، جيڪڏهن اها سمجهي ٿي ته وقتي طور تي لاڳو قانون جون عام گنجائشون ان مقصد لاءِ ڪافي ناهن ته اها عوامي نوٽيس ذريعي اهڙا اپاءَ وٺي سگهي ٿي يا ڪنهن شخص کي اپاءَ وٺڻ لاءِ چئي يا ان کي بااختيار بڻائي سگهي ٿي، اهڙا عارضي ضابطا بيان ڪري سگهي ٿي جيڪي عوام طرفان اپنايا ويندا يا ڪنهن ماڻهو يا ماڻهن جي طبقي طرفان اپنايا ويندا، جيئن اها اهڙي بيماري کي ڦهلجڻ يا پکيڙ کان روڪڻ لاءِ ضروري سمجهي، ۽ طئي ڪري سگهي ٿي ته ڪهڙي طريقي ۽ ڪنهن طرفان (بشمول معاوضي، جيڪڏهن ڪو هجي) ان تي آيل خرچ برداشت ڪيا ويندا.

(2) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل گنجائشن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، حڪومت اپاءَ وٺي سگهي ٿي ۽ ريلوي ۽ ٻي صورت ۾ سفر ڪندڙ ماڻهن جي جاچ لاءِ ضابطا بيان ڪري سگهي ٿي، ۽ جاچ ڪندڙ آفيسر طرفان اهڙي ڪنهن بيماري سان متاثر هئڻ جو شڪ ڄاڻايل ماڻهن کي اسپتال ۾، عارضي رهائش الڳ ڪري سگهي ٿي يا ٻي صورت ۾ انتظام ڪري سگهي ٿي.

(3) حڪومت عام يا خاص حڪم ذريعي ڊپٽي ڪمشنر

ڪي ضلعي جي سلسلي ۾ هن دفعہ تحت سمورا اختيار استعمال ڪرڻ لاءِ بااختيار بڻائي سگهي ٿي، جيڪي صوبي جي سلسلي ۾ حڪومت جي استعمال لائق هجن. سواءِ ان اختيار جي تہ ڪهڙي طريقي ۽ ڪنهن جي طرفان ڪي خرچ (بشمول معاوضي، جيڪڏهن ڪو هجي) برداشت ڪيا ويندا.

(4)حڪومت طرفان سونپيل اختيارن جو استعمال اهڙين پابندين، حدن ۽ شرطن، جيڪڏهن ڪي هجن، سان هوندو، جيئن حڪومت طرفان بيان ڪيون وجن ۽ ضابطو ۽ نگراني حڪومت طرفان ڪئي ويندي.

ڏنڊ
Penalty

4.ڪو شخص جيڪو هن ايڪٽ تحت ڪنهن ضابطي يا ڪيل حڪم کي نہ مڃيندو، اهو پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعہ 188 تحت سزا لائق ڏوهہ جو مرتڪب سمجهيو ويندو.

ضابطا
Regulations

5.حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿي.

منسوخي
Repeal

6.سنڌ صوبي سان لاڳاپيل اولهہ پاڪستان وبائي بيماريون ايڪٽ، 1958 جون گنجائشون ۽ سنڌ صوبي طرفان وقت بوقت ان ۾ ڪيل ترميمون، منسوخ ڪيون وڃن ٿيون.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**